SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 1995

SINDH ACT NO.XI OF 1995

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1995

THE SHAHEED ZULFIQAR ALI BHUTTO INSTITUTE OF SCIENCE AND TECHNOLOGY ACT, 1995

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. يونيورسٽي جو قيام ۽ هيئت
Establishment and incorporation of the University

4. اداري جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the Institute

5. ادارو سڀني لاءِ کليل هوندو
Institute open to all

6. اداري جا عملدار

Officers of the Institute

7. چانسيلر

The Chancellor

8. معائنو

Visitation

9. صدر

The President

10. نائب صدر ايڊمنسٽريشن ۽ فنانس

The Vice President Administration and Finance

11. نائب صدر ڊولپمينٽ

The Vice President Development

12. نائب صدر اڪيڊمڪ

The Vice President Academic

13. ڊين

Dean

14. بورڊ

The Board

15. گورننگ باڊي

The Governing Body

16. گورننگ باڊي جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Governing Body

17. گورننگ باڊي جي گڏجاڻي

Meeting of the Governing Body

18. اڪيڊمڪ ڪائونسل

The Academic Council

19. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and Duties of the Academic Council
20. تدريسي ۽ انتظامي عملو
Academic and Administrative Staff
21. اداري جو فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس
Fund, Audit and Accounts of the Institute
22. ضمانت ۽ دائره اختيار تي پابندي
Indemnity and Bar of Jurisdiction
23. ايڪٽ ٻين قانونن تي اثرانداز ٿيندو
Act to override other Laws
24. رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 1995

SINDH ACT NO.XI OF 1995

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1995

THE SHAHEED ZULFIQAR ALI BHUTTO INSTITUTE OF SCIENCE AND TECHNOLOGY ACT, 1995

[25 آڪٽوبر 1995]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي قائم ڪيو ويندو.

جيئن تہ صوبي سنڌ ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ هڪ سينٽر آف ايڪسيلنس قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي ۽ ان مقصد ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي قائم ڪرڻ ضروري پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي

Definitions

متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "بورڊ" مطلب اداري جو بورڊ آف ٽرسٽيز؛

(b) "گورننگ باڊي" مطلب اداري جي گورننگ باڊي؛

(c) "چانسيلر" مطلب اداري جو چانسيلر؛

(d) "ڊين" مطلب اداري جي اسڪول، فيڪلٽي يا ٻئي تدريسي يا تحقيقي شعبي يا يونٽ جو ڊين:

(e) "ادارو" مطلب شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي؛

(f) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن يا ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(g) "صدر" مطلب اداري جو صدر؛

(h) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(i) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛

(j) "سوسائٽي" مطلب شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سوسائٽي آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي؛

(k) "استاد" مطلب اداري طرفان رڪيل پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر، اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرر ۽ تحقيقي عملو يا اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي گورننگ باڊي طرفان مقرر ڪيا وڃن؛

(l) "نائب صدر" مطلب اداري جو نائب صدر.

يونيورسٽي جو قيام ۽ هيئت

Establishment and incorporation of the University

3.(1) سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ 1860 تحت رجسٽريشن نمبر 2225 هيٺ رجسٽر ڪيل اداري کي ٻيهر جوڙيو ويو آهي ۽ ڪراچي ۾ ٻيهر قائم ڪيو ويو آهي، جنهن کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي سڏيو ويندو، جيڪو مشتمل هوندو:

(a) بورڊ جا ميمبر، ڪميٽيز ۽ اهڙيون ٻيون باڊيز جيئن بورڊ قائم ڪري؛

(b) چانسلر، صدر، نائب صدر ۽ ڊينس ۽ ٻيا گورننگ باڊي جا ميمبر؛

(c) اداري جا استاد ۽ شاگرد ۽ ان جا ڪنسٽيٽونٽ يونٽس؛ ۽

(d) اهڙا ٻيا عملدار ۽ اسٽاف جا ميمبر جيئن بورڊ طرفان وقت بوقت بيان ڪيا وڃن.

(2) ادارو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جي نالي سان هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي ڪنهن ملڪيت کي حاصل ڪرڻ يا نيڪال ڪرڻ جي اختيار سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جيڪو ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

اداري جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Institute

4. اداري کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) بنيادي سائنسز، اپلائيڊ سائنسز، ٽيڪنالاجي ۽ ٻين لاڳاپيل شعبن ۾ تدريس ۽ تربيت ڏيڻ اهڙي طريقي جيئن اهو لائق، تخليقي، هنرمند ۽ لائق سائنسدان، انجنيئر ۽ محقق پيدا ڪري سگهي؛

(b) سلسليوار جرنلس، ميگزين ۽ ڪتاب ڇاپڻ، شايع ڪرڻ ۽ هلائڻ ۽ سائنسي، فني ۽ لاڳاپيل ڄاڻ ۽ معلومات فراهم ڪرڻ جيڪا اداري جي ڪنهن به مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ فائديمند هجي؛

(c) رابطن کي هٿي وٺرائڻ ۽ قومي ۽ عالمي يونيورسٽيز، ادارن ۽ ٻين تحقيقي ۽ ترقياتي تنظيمن سان ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر پنهنجي ڪمن ۽ ذميوارين کي موثر بڻائڻ لاءِ رابطا قائم ڪرڻ؛

(d) ملڪي ۽ پرڏيهي صنعتي، حڪومتي ادارن ۽ تنظيمن

ڪي پنهنجي ماهراڻي صلاح، مشاورت ۽ ٻئي ڪنهن معاملي ۾ جيئن اها مناسب سمجهي مدد فراهم ڪرڻ؛

(e) بنيادي سائنسز ٽيڪنالاجي ۽ ٻي لاڳاپيل شعبن ۾ گڏيل جاچ ڪرڻ ۽ گڏيل تحقيق ڪرڻ؛

(f) تحقيق، جدت، ايجادن، مظاهرن ۽ ٻين خدمتن ڪي يقيني بڻائڻ ۽ انهن لاءِ گنجائشن جوڙڻ، جيئن اهو مناسب سمجهي؛

(g) شاگردن ڪي داخلا ڏيڻ ۽ امتحان وٺڻ؛

(h) امتحان منعقد ڪرڻ ۽ ڊگريون، ڊپلوماز سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيون اڪيڊمڪ ڊسٽنڪشنز اهڙن ماڻهن ڪي بيان ڪيل شرطن موجب ڏيڻ، جيڪي داخل ٿيا ۽ جن انهن جا امتحان پاس ڪيا هجن.

(i) اهڙن ماڻهن ڪي مخصوص ڪورس پڙهائڻ يا تربيت ڏيڻ جيڪي انسٽيٽيوٽ جا شاگرد نه هجن ۽ انهن ڪي سرٽيفڪيٽ ۽ ڊپلوماز ڏيڻ؛

(j) ٻين يونيورسٽيز يا سڪيا جي هنڌن تي پاس ڪيل امتحانن يا پڙهائي جي گذاريل عرصي ڪي انسٽيٽيوٽ جي امتحانن جي پڙهائي جي عرصي برابر قبول ڪرڻ يا اهڙي منظوري ڪي رد ڪرڻ؛

(k) پڙهائي، تحقيق، واڌاري، انتظاميه، تربيت ۽ اهڙن ٻين مقصدن سان لاڳاپيل آساميون پيدا ڪرڻ ۽ انهن آسامين تي ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(l) الحاق ٿيل يا الحاق جي خواهش رکندڙ اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ سڪيا جي ٻين ادارن جي جاچ ڪرڻ؛

(m) ڄاڻايل طريقيڪار موجب فيلوشپس، اسڪالرشپس، برسريز، ميڊلس ۽ انعام منعقد ڪرڻ ۽ ڏيڻ.

(n) رهائش جا هالس ناهڻ، انتظام ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ۽ هاسٽلس ۽ لاجنگس لاءِ ڪنهن جڳهه جي منظوري ڏيڻ؛

(o) يونيورسٽي جي شاگردن جي انتظام تي نظرداري ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ، شاگردن جي ايڪسٽرا ڪيوريڪولر ۽ ريڪريشنل ايڪٽوٽيز کي هٿي وٺرائڻ ۽ انهن جي صحت ۽ عام ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(p) اهڙيون فيس ۽ ٻيون چارجز طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اهو طئي ڪري؛

(q) قاعدن ۽ ضابطن جي روشنيءَ ۾ ڄاڻايل شرطن مطابق ڪن بہ ادارن، ترقياتي ۽ تحقيقي تنظيمن ۽ يونيورسٽين جي اهل عملي منجهان بااختيار بڻائڻ يا انهن جي مٿا سٿا سان متفق ٿيڻ؛

(r) فيڪلٽيز کي چونڊڻ ۽ هٿي وٺرائڻ؛

(s) اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(t) بنيادي سائنسز، اپلائيڊ سائنسز، ٽيڪنالاجي ۽ ٻين لاڳاپيل نظم و ضبط ۾ پڙهائي جا ڪورسز بيان ڪرڻ؛

(u) تربيت، تعليم ۽ تحقيق لاءِ ورڪشاپس، ليبارٽريز، ميوزيمز ۽ ٻيون سهولتون قائم ڪرڻ؛

(v) پاڻ کي ٻين ادارن سان الحاق ڪرڻ يا جوڙڻ ۽ تعليم جي بهتري لاءِ پنهنجا ڪم ۽ ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ پاڪستان ۾ ۽ پرڏيهه ۾ فيڪلٽيز قائم ڪرڻ؛

(w) تعليمي ۽ تربيتي پروگرامن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ پڙهائي جا طريقا ۽ حڪمت عمليون

طئي ڪرڻ؛

(x) پنهنجي پروگرامن تي مڪمل طور عملدرآمد لاءِ پنهنجا مالي ۽ ٻيا وسيلا استعمال ڪرڻ؛

(y) معاهدن، ٺيڪن ۽ انتظامن ۾ تنظيمن، ادارن، باڊيز ۽ فردن سان انهن جا ڪم ۽ ذميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ شامل ٿيڻ؛

(z) الحاق ڏنل ادارن ۾ شاگردن جي چونڊ، داخلا ۽ امتحان جو طريقو بيان ڪرڻ؛

(aa) امتحان منعقد ڪرڻ ۽ اهڙن ماڻهن کي ڊگريون، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيون تعليمي سندون ڏيڻ، جن پاڪستان ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪائونسل، پاڪستان نرسنگ ڪائونسل يا چانسيلر، جيئن معاملو هجي طرفان بيان ڪيل شرطن موجب اهڙا امتحان پاس ڪيا هجن؛

(ab) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، يونيورسٽي کي ڪيل گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين ڪنٽريبيوشنز کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙيءَ ريت سيڙائڻ جيئن اهو مناسب سمجهي؛ ۽

(ac) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ جيڪي ان جي مقصد حاصل ڪرڻ ۽ ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ گهربل هجن.

ادارو سڀني لاءِ کليل هوندو

Institute open to all

5.ادارو سڀني ماڻهن لاءِ کليل هوندو، پل انهن جو تعلق ڪنهن به جنس يا ڪنهن به مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڊوميسائيل سان هجي، جيڪي اداري طرفان پڙهايا ويندڙ ڪورسن لاءِ تعليمي طور داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن به شخص کي فقط جنس، مذهب، طبقي، نسل، رنگ يا ڊوميسائيل جي بنياد تي انڪار نه ڪيو ويندو.

6. انسٽيٽيوٽ جا هيٺيان عملدار هوندا:	اداري جا عملدار Officers of the Institute
(a) چانسيلر؛	
(b) صدر؛	
(c) نائب صدر؛	
(d) ڊينس؛ ۽	
(e) اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي اداري جا عملدار ٿيڻ لائق هجن ۽ انهن جو قاعدن ۽ ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.	
7.(1) بورڊ جو چيئرمين اداري جو چانسيلر هوندو.	چانسيلر The Chancellor
(2) چانسيلر جڏهن موجود هوندو، اداري جي ڪانووڪيشنز جي صدارت ڪندو ۽ سندس غير حاضري ۾ سندس طرفان نامزد ڪيل شخص صدارت ڪندو.	
(3) هر اعزازي ڊگري ڏيڻ لاءِ چانسيلر کان تصديق ڪرائڻي پوندي.	
8.(1) چانسيلر اداري جي معاملن سان لاڳاپيل مسئلي جي جاچ ڪرائي سگهي ٿو ۽ جڏهن ضروري سمجهي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ماڻهن يا ڪنهن تنظيم کي هيٺين معاملن جي جاچ ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو:	معائنو Visitation
(a) ادارو، ان جون عمارتون، ليبارٽريز، لائبريريز ۽ ٻيون سهولتون؛	
(b) اداري طرفان سنڀاليل ڪو ادارو، اسڪول، مرڪز، ڊويزن يا هاسٽل؛	
(c) انساني ۽ مالي وسيلن جي صلاحيت؛	
(d) اهڙا ٻيا معاملا جيڪي چانسيلر طرفان بيان ڪيا وڃن.	
(2) چانسيلر مٿي ڄاڻايل معاملن مان هر هڪ لاءِ، گورننگ باڊي کي ڏيان ڏيارينڊو ته جيئن جاچ ڪئي وڃي ۽ گورننگ	

بادي ان معاملي کي حل ڪندي.

(3) چانسيلر گورننگ بادي سان جاچ جي نتيجن بابت صلاح مشورو ڪندو ۽ وضاحت ۽ گذارش نامي تي غور ڪرڻ کانپوءِ، جيڪڏهن ڪا هجي، جيڪا گورننگ بادي طرفان ڪئي وڃي، گورننگ بادي کي اهڙا قدم کڻڻ جو مشورو ڏئي سگهي ٿو ۽ اهڙيون شيون ڪرڻ کان منع ڪري سگهي ٿو جن بابت ان سلسلي ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(4) گورننگ بادي اهڙي وقت دوران جيئن چانسيلر طرفان بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي قدم بابت ان کي رپورٽ ڪندي، جيڪڏهن ڪو هجي، جيڪو ڪنيو ويو هجي يا جاچ جي نتيجن تي قدم کڻڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو هجي.

(5) جتي گورننگ بادي بيان ڪيل وقت دوران چانسيلر کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪو قدم نہ ٿي کڻي، چانسيلر اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيڪي اهو ضروري سمجهي ۽ گورننگ بادي اهڙين هدايتن تي عمل ڪندي.

صدر
The President

9.(1) صدر ۽ نائب صدر چانسيلر طرفان گورننگ بادي سان مشوري بعد طئي ڪيل عرصي لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيا ويندا، جيئن چانسيلر طئي ڪري.

(2) صدر اداري جي معاملن تي عام ضابطو ۽ نظرداري رکندو ۽ ان ڳالهہ جي پڪ ڪندو تہ هن ايڪٽ جي گنجائشن، ضابطن، قاعدن، پاليسين ۽ گورننگ بادي جي هدايتن تي جوڳي نموني عمل ٿي رهيو آهي.

(3) صدر اهڙا ٻيا سمورا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي چانسيلر يا گورننگ بادي طرفان ڪيس سونپيا ويندا.

(4)صدر کي هي بہ اختيار حاصل هوندا:

(a) پڙهائي، تربيت، تحقيق، ايجادن، جدت، مشاهدن ۽ ٻين خدمتن سان لاڳاپيل پروگرامن تي ٽيندڙ عملدرآمد ۽ ان سان لاڳاپيل سرگرمين جي نظرداري ڪرڻ؛

(b) قاعدن مطابق بجيٽ ۾ رکيل پئسا خرچ ڪرڻ يا خرچ ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ؛

(c) گورننگ باڊي جي منظوري سان اداري جا استاد ۽ عملدار ۽ اهڙا ٻيا ماڻهو مقرر ڪرڻ جيئن قاعدن موجب ضروري هجي، تہ جيئن مقرر ڪيل ماڻهن ۾ اعليٰ دانشوري ۽ اخلاقي خاصيتن کي يقيني بڻائي سگهجي؛

(d) منظور ڪيل بجيٽ منجهان فنڊس کي استعمال ڪرڻ؛

(e) غير متوقع آئٽم لاءِ رقم جي ري ايپروپريئيشن جاري ڪرڻ جيڪا قاعدن ۾ بيان ڪيل رقم کان وڌيڪ نہ هجي، جيڪو بجيٽ ۾ نہ ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت گورننگ باڊي کي رپورٽ ڪندو؛

(f) ماهر ۽ ڪنسلٽنٽس مقرر ڪرڻ جيئن اداري جي ڪمن کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ ضروري هجي؛

(g) اداري جي عملدارن ۽ عملي منجهان ڪميٽيز، ذيلي ڪميٽيز ۽ ورڪنگ گروپس جوڙڻ، جيئن ضروري سمجهي؛

(h) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪرڻ جيئن گورننگ باڊي طرفان وقت بوقت ڪيس سونپيا وڃن؛ ۽

(i) پنهنجا ڪي بہ اختيار مخصوص انتظامي سطح تي اهڙين شرطن موجب سونپڻ جيئن اهو مناسب سمجهي.

نائب صدر ايڊمنسٽريشن ۽ فنانس

10. (1) صدر جي سموري نظرداري موجب، نائب صدر ايڊمنسٽريشن ۽ فنانس اداري جي انتظاميا ۽ ماليات جو

The Vice President Administration and Finance

انچارج هوندو ۽ گورننگ باڊي کي اداري جي انتظامي ۽ مالي معاملن سان لاڳاپيل منظوري، قاعدن ۽ ضابطن لاءِ سفارش ڪندو.

(2)مالي معاملن جي بهتر ضابطي لاءِ ڊائريڪٽر آف فنانس طرفان نائب صدر جي مدد ڪئي ويندي.

(3) نائب صدر ايڊمنسٽريشن ۽ فنانس کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) اداري جي انتظامي معاملن جي سلسلي ۾ حڪومتي ايجنسيز، لوڪل باڊيز ۽ ٻين اختيارين سان سهڪار ڪرڻ؛

(b) اداري جي شاگردن، استادن ۽ ٻئي اسٽاف جي ميمبرن جي رهائش جو انتظام ڪرڻ؛

(c) يونيورسٽي جي ايڪسٽرا ڪيوريڪولر ۽ ريڪريشنل ايڪٽوٽيز جي نظرداري ڪرڻ، بشمول صحت ۽ عام ڀلائي وارن معاملن جي؛

(d) اداري جي نظم و ضبط کي برقرار رکڻ؛

(e) قاعدن ۽ ضابطن موجب اداري ۾ خالي آسامين تي اسٽاف جا ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(f) وقت بوقت بجيٽ جي گنجائشن موجب اهڙا عارضي مزدور مقرر ڪرڻ؛

(g) اداري جي ملازمن خلاف انتظامي ڪارروائي ڪرڻ ۽ انهن تي ڏنڊ مڙهڻ، بشمول قاعدن ۽ ضابطن موجب انهن جي معطلي، هٽائڻ ۽ نوڪري کان برطرف ڪرڻ جي؛

(h) اداري جي مالي وسيلن جو انتظام رکڻ؛

(i) قاعدن موجب منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل خرچ جاري ڪرڻ؛

(j) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪرڻ جيڪي ڪيس گورننگ باڊي، يا صدر طرفان سونپيا ويا هجن؛ ۽

(k) پنهنجا ڪي بہ اختيار انتظاميا ۾ مخصوص سطح تي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب منتقل ڪرڻ جيئن اهو مناسب سمجهي.

نائب صدر ڊولپمينٽ
The Vice President Development

11. (1) صدر جي سموري نظرداري موجب، نائب صدر ڊولپمينٽ اداري جي ترقياتي معاملن جو انچارج هوندو ۽ گورننگ باڊي کي اداري جي ترقياتي معاملن سان لاڳاپيل منظوري، قاعدن ۽ ضابطن لاءِ سفارش ڪندو.

(2) نائب صدر ڊولپمينٽ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) اداري جي منصوبابندي ۽ ترقياتي سرگرمي جو انتظام ڪرڻ؛

(b) اداري جي منصوبابندي ۽ ترقي سان لاڳاپيل سمورن معاملن عمارتون، ليبارٽريز، ورڪشاپس، لائبريري، رهائش جا هالس ۽ عملي جا گهر بابت گورننگ باڊي کي مشورو ڏيڻ.

(c) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪرڻ جيڪي گورننگ باڊي يا صدر پاران ڪيس سونپيا وڃن؛ ۽

(d) پنهنجا ڪي بہ اختيار انتظاميا ۾ مخصوص سطح تي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب منتقل ڪرڻ جيئن اهو مناسب سمجهي.

نائب صدر اڪيڊمڪ
The Vice

12. (1) نائب صدر تدريسي اداري جي تدريسي معاملن جو ذميوار هوندو ۽ پڙهائي، تحقيقي، تدريسي پروگرامن، واڌاري

۽ ٻين ترقياتي پروجيڪٽن بابت صدر جي مدد ڪندو.

President Academic

(2) صدر جي سموري نظرداري موجب، نائب صدر گورننگ باڊي کي اداري جي تدريسي ۽ تحقيقي معاملن سان لاڳاپيل منظوري، قاعدن ۽ ضابطن لاءِ سفارش ڪندو.

(3) نائب صدر تدريسي کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) يونيورسٽيز، سکيا جي ادارن، صنعت يا ٻين تحقيقي تنظيمن سان اپرنٽس شپ ۽ شاگردن جي پليس مينٽ، استادن جي تربيت، ۽ ٻين تدريسي ۽ تربيتي سرگرمين لاءِ جڙڻ؛

(b) اداري ۾ پڙهائيندڙ پڙهائي جي ڪورسز تي بورڊ جي مشوري سان غور ڪرڻ ۽ ان مقصد لاءِ جوڙيل ٻين باڊيز جي صلاح مشوري سان گورننگ باڊي کي سفارشون پيش ڪرڻ؛

(c) اداري جي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن ۾ شاگردن جي داخلا جي نظرداري ڪرڻ؛

(d) فيلوشپس، وظيفن، تمغن ۽ انعامن ڏيڻ جو انتظام ڪرڻ؛

(e) ڪانووڪيشنز جو انتظام ڪرڻ؛

(f) پيپرس ۽ نتيجن جي جاچ پڙتال لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن ضروري سمجهي؛

(g) اداري جي اسڪولن يا فيڪلٽيز جي پڙهائي ۽ تحقيقي ڪم ۾ سهڪار ڪرڻ؛

(h) سلسليوار، ميگزينس، جرنلس ۽ ڪتاب ڇاپڻ، شايع ڪرڻ ۽ هلائڻ ۽ سائنسي، فني ۽ لاڳاپيل ڄاڻ ۽ معلومات فراهم ڪرڻ؛

(i) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪرڻ جيڪي گورننگ باڊي يا صدر پاران ڪيس سونپيا

وڃن: ۽

(j) پنهنجا ڪي بہ اختيار انتظاميا ۾ مخصوص سطح تي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب منتقل ڪرڻ جيئن اهو مناسب سمجهي.

ڊين
Dean

13. (1) هر ڊين گورننگ باڊي طرفان مخصوص عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو، جيڪو عرصو وڌائي سگهبو.

(2)صدر جي سموري نظرداري تحت، هر ڊين کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) سندس اسڪول يا فيڪلٽي سان لاڳاپيل قاعدن ۽ ضابطن تي جوڳي نموني عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ؛

(b) سندس اسڪول يا فيڪلٽي جي شاگردن جي چال چلت ۽ نظم و ضبط جو انتظام ڪرڻ ۽ شاگردن جي انرولمينٽ رد ڪرڻ سميت انهن تي ڏنڊ مڙهڻ؛

(c) پڙهائي، تحقيق، واڌاري، ترقياتي ڪمن ۽ انتظامي معاملن ۾ بورڊ، نائب صدر، تدريسي، ٻين تدريسي اٿارٽيز ۽ نائب صدر ايڊمنسٽريشن ۽ نائب صدر فنانس سان سهڪار ڪرڻ، مشورو ڏيڻ ۽ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ؛

(d) سندس اسڪول يا فيڪلٽي ۾ ايندڙ ڪورسز ۾ اعزازي ڊگرين کانسواءِ ڊگرين لاءِ داخلا لاءِ اميدوار پيش ڪرڻ؛

(e) سندس لاڳاپيل اسڪول يا فيڪلٽي جي سمورن امتحانن لاءِ ممتحن مقرر ڪرڻ؛

(f) سندس اسڪول يا فيڪلٽي جي استادن، شاگردن ۽ عملي جي ميمبرن کي پڙهائي ۽ تحقيق سان لاڳاپيل اهڙن ڪمن جي هدايت ڪرڻ جيئن اهو مناسب سمجهي؛

(g) سندس اسڪول يا فيڪلٽي جي استادن شاگردن ۽

استاف جي ميمبرن کي تربيت، فيلو شپس، اسڪالر شپس ۽ ٻين تدريسي اعزازن لاءِ نامزد ڪرڻ؛

(h) اهڙيون ٻيون ذميواريون ادا ڪرڻ ۽ اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪرڻ جيڪي ڪيس گورننگ باڊي يا صدر طرفان سونپيا وڃن.

بورڊ
The Board

14. (1) اداري جو سمورو ضابطو بورڊ وٽ هوندو.

(2) بورڊ جي جوڙجڪ ۾ تبديليون بورڊ طرفان ئي ڪيون ويندیون.

(3) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، بورڊ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) اداري جي نون حصن پيدا ڪرڻ جي منظوري ڏيڻ، جهڙوڪ اسڪول، فيڪلٽي يا ٻيو ڪو تدريسي ۽ تحقيقي يونٽ؛

(b) اداري جي گورننگ باڊي جي جوڙجڪ ۾ تبديلين جي منظوري ڏيڻ؛

(c) اهڙا ٻيا سمورا ڪم ڪرڻ جيڪي اداري جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن؛ ۽

(d) پنهنجا ڪي بہ اختيار گورننگ باڊي، صدر يا ٻي انتظاميا جي خاص سطح تي اهڙين شرطن موجب منتقل ڪرڻ جيئن اهو مناسب سمجهي؛

(e) مڪمل مالي ضابطو رکڻ.

(4) سوسائٽي جو سيڪريٽري بورڊ ۽ هن ايڪٽ تحت جوڙيل ڪميٽي جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندو جيئن ڪيس بورڊ يا ڪميٽين طرفان سونپيا وڃن.

گورننگ بادي
The Governing Body

15. (1) بورڊ جي ضابطي جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، اداري جي عام نظرداري ۽ معاملن جو ضابطو گورننگ بادي وٽ هوندو، جيڪا ٻيهر جوڙجڪ ۽ وقت بوقت اضافي موجب، هيٺين ميمبرن تي مشتمل هوندي، يعني:

نامزد ڪيل ميمبر:

(a) صدر؛

(b) ٻه نالياوارا ماڻهو؛

(c) ٻه مشهور سائنسدان

(d) بئنڪنگ، فنانس، صنعت يا ڪنهن ٻئي دلچسپي جي ميدان ۾ انهن جي سکيا يا تجربي طور ڄاتل سڃاتل ٿي ماڻهو؛

(e) ٿي نالياوارا شهري چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(f) بورڊ جا چار ميمبر چانسيلر، ايڪس آفيشو ميمبرن طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(g) نائب صدر؛

(h) چيئرمين، يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن؛

(i) وائيس چانسيلر، اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڪراچي؛

(j) سيڪريٽري، تعليم، حڪومت سنڌ؛

(2) گورننگ بادي جا نامزد ڪيل ميمبر بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا.

(3) گورننگ بادي جا نامزد ڪيل ميمبر، جيستائين بورڊ انهن جي ميمبرشپ اڳواٽ ختم نه ڪري، ٽن سالن جي

عرصي لاءِ عهدو رکندا ۽ مدو پورو ٿيڻ تي ٻيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندا؛

بشرطيڪ هن ايڪٽ جي شروعات کانپوءِ پهرين گورننگ باڊي جوڙي ويندي، جيڪا چانسيلر طرفان مقرر ڪئي ويندي.

(4) گورننگ باڊي جي نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا گورننگ باڊي جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ جوڳو سبب ڄاڻائڻ کانسواءِ يا غير حاضري جي موڪل کانسواءِ حاضر رهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو.

(5) گورننگ باڊي جي ميمبر جي عهدي تي عارضي آسامي گورننگ باڊي طرفان نامزد ڪيل شخص سان ڀري ويندي ۽ چانسيلر طرفان منظوري ڏني ويندي.

(6) گورننگ باڊي جو ڪو به قدم يا ڪارروائي ان ۾ موجود ڪنهن آسامي يا گورننگ باڊي جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نه هوندو.

گورننگ باڊي جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Governing Body

16. گورننگ باڊي هيٺيان اختيار استعمال ڪندي ۽ ڪم سرانجام ڏيندي، يعني:

(a) اداري جي ملڪيت، فنڊس ۽ وسيلن کي رکڻ، ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ يا اداري جي مقصد لاءِ اهڙين سڪيورٽيز تي رقم اڌاري وٺڻ يا گڏ ڪرڻ، جيئن گهربل هجي؛

(b) اداري جي منقوله ۽ غير منقوله ملڪيت حاصل ڪرڻ يا نيڪال ڪرڻ؛

(c) بورڊ جي منظوري لاءِ اداري جي نون حصن ناهڻ جي سفارش ڪرڻ، جهڙوڪ اسڪول، ڊپارٽمنٽ، فيڪلٽي،

ڊويزن يا ٻيو ڪو تدريسي يا تحقيقي يونٽ؛

(d) اداري جي ڪاروهنوار ۽ ڪم ڪار هلائڻ لاءِ ڊگهي مدي وارا منصوبا، حڪمت عمليون ۽ منصوبا جوڙڻ يا منظور ڪرڻ، جيئن تدريسي، تحقيقي ۽ ٻين تعليمي ڪمن ۾ ان جي خودمختياري کي يقيني بڻائي سگهجي؛

(e) اداري جي ڪمن جا منصوبا ۽ سالياني بجيٽ منظور ڪرڻ؛

(f) اداري جي سرگرمين سان لاڳاپيل سالياني، ڇهه ماهي يا ٽه ماهي ترقياتي جائزو طلب ڪرڻ ۽ منظور ٿيل ڪم جي منصوبن تي عملدرآمد جي ترقي جو جائزو وٺڻ ۽ لاڳاپيل نائب صدر کي گورننگ باڊي طرفان بيان ڪيل ڪنهن معاملي سان لاڳاپيل معلومات فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪرڻ؛

(g) اهڙا انتظامي يا تدريسي عهدا اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب پيدا ڪرڻ جيئن اهو ضروري سمجهي ۽ مڪمل طور تي جوڙيل سليڪشن ڪميٽي جي سفارشن تي نائب صدر، ڊينس ۽ پروفيسرز جي عهدن تي مقرري جي منظوري ڏيڻ.

(h) اداري جي مالي سگهه ۽ ان جي ڪمن کي موثر بڻائڻ کي يقيني بڻائڻ، انهن جي جاري رهڻ ۽ اداري جي خودمختياري جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ؛

(i) سمورن الحاق ۽ ٻين انتظامن جي منظوري ڏيڻ، جن ذريعي يونيورسٽيز ۽ ٻيون تحقيقي ۽ ترقياتي تنظيمون اداري سان جڙي سگهن؛

(j) ان جي ميمبرن منجهان اهڙيون ڪميٽيز ۽ ذيلي ڪميٽيز مقرر ڪرڻ جيئن اهو ضروري سمجهي.

(k) اهڙا سمورا شروعاتي اپاءَ وٺڻ جيئن اهو ضروري سمجهي يا اداري جي بهتر ۽ اثرائتي انتظامن ۽ ڪاروهنوار لاءِ گهربل هجن؛

(l) اداري جي قاعدن جي منظوري ڏيڻ؛ ۽

(m) پنهنجي اختيارن منجهان ڪي به صدر، نائب صدر يا ٻين اداري جي انتظاميا جي خاص سطح تي اهڙين شرطن موجب منتقل ڪرڻ جيئن اهو مناسب سمجهي.

گورننگ بادي جي گڏجاڻي

Meeting of the Governing Body

17.(1) گورننگ بادي سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا گڏجاڻي ڪندي، اهڙين تاريخن تي جيڪي صدر طرفان طئي ڪيون ويندیون؛

بشرطيڪ ضروري نوعيت جو معاملو سمجهي هڪ خاص گڏجاڻي ڪنهن به وقت گورننگ بادي جي ميمبرن جي درخواست تي، گهرائي سگهجي ٿي، جيڪي پنجن کان گهٽ نه هجن.

(2)صدر جڏهن موجود هجي گورننگ بادي جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو ۽ سندس غير حاضري ۾ سندس طرفان نامزد ڪيل ميمبر صدارت ڪندو.

(3) گورننگ بادي جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم سڀ ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي، جن منجهان نامزد ڪيل ميمبر چار کان گهٽ نه هجن.

(4) گورننگ بادي جا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريت جي بنياد تي ۽ ووٽنگ ذريعي ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن ميمبر هڪ جيترا ورهائجي وڃن تہ صدر کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو، جيڪو استعمال ڪندو.

اڪيڊمڪ ڪائونسل

18.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل هيٺين تي مشتمل هوندي:

The Academic Council

(i) صدر (چيئرمين)؛

(ii) سمورا نائب صدر؛

(iii) سمورا ڊينس؛

(iv) شعبن جا سمورا سربراهه؛

(v) اداري جا سمورا پروفيسرز ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرز؛

(vi) حڪومت جي تعليم واري کاتي جو نامزد ڪيل آفيسر جيڪو ڊپٽي سيڪريٽري جي رينڪ کان گهٽ نه هجي، ريجنل ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن (ڪاليجز) ۽ ڊائريڪٽر آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن آف ڊويزن، جنهن ۾ ادارو واقع آهي؛

(vii) هڪ اسسٽنٽ پروفيسر ۽ هڪ ليڪچرر گورننگ باڊي طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(viii) آرٽس، سائنسز ۽ ٻين شعبن ۾ ٿي مشهور ماڻهو جن مان هر ڪيٽيگري مان هڪ گورننگ باڊي طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(ix) ڊائريڪٽر اڪيڊمڪس، يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن.

(x) بورڊ جو سيڪريٽري ميمبر/سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(2) نامزدگي ذريعي مقرر ڪيل ميمبر ٽن سال جي عرصي لاءِ عهدو رکندا؛

(3) اڪيڊمڪ ڪائونسل جي گڏجاڻي جو ڪورم سمورن ميمبرن جي هڪ ڀاڱي ٿي برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر سمجهي ويندي.

اڪيڊمڪ ڪائونسل

19.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل اداري جي اڪيڊمڪ باڊي

جا اختيار۽ ذميواريون
Powers and Duties of the Academic Council

هوندي، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن ۽ ضابطن موجب، ان کي تدريس، تحقيق، اشاعت ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب هلائڻ ۽ اداري جي تدريسي عمل کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، اڪيڊمڪ ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) گورننگ باڊي کي تدريسي معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) پڙهائي، تحقيق، اشاعت ۽ امتحانن جو انتظام ڪرڻ؛

(c) شاگردن کي اداري جي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن ۾ داخلا ڏيڻ؛

(d) اداري جي شاگردن جي هلت چلت ۽ نظم و ضبط کي سنڀالڻ؛

(e) گورننگ باڊي کي فيڪلٽيز ۽ تدريسي شعبن جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سازي بابت تجويز ڪرڻ؛

(f) اداري ۾ پڙهائي ۽ تحقيق جي منصوبابندي ۽ ترقي لاءِ آڇن تي غور ڪرڻ ۽ جوڙڻ؛

(g) گورننگ باڊي جي منظوري سان پڙهائي جي ڪورس، نصاب ۽ سمورن ادارن جي امتحانن لاءِ ٽيسٽن جي آئوٽ لائينس لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(h) اسٽوڊنٽ شپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز، تمغن ۽ انعامن منعقد ڪرڻ جو انتظام ڪرڻ؛

(i) گورننگ باڊي کي پيش ڪرائڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(j) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ/نامزد ڪرڻ؛ ۽

(k) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن گورننگ باڊي طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

تدريسي ۽ انتظامي عملو
Academic and Administrative Staff

20. اداري جو تدريسي ۽ انتظامي عملو ان جي بيان ڪيل مقصدن جي روشني ۾ چونڊيو ويندو ۽ انهن جي چونڊ جي بنيادي گهرج مقابلي جا اعليٰ معيار، ايمانداري ۽ صلاحيت تي ٻڌل هوندا.

اداري جو فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس
Fund, Audit and Accounts of the Institute

21. (1) اداري کي هڪ فنڊ هوندو جنهن ۾ جمع ڪيا ويندا:

(a) سوسائٽي طرفان سموريون گرانٽس ۽ ڪنٽريبيوشنز؛

(b) عطيو ڏيندڙن ۽ مخير ماڻهن طرفان ڏنل چندا، ڪنٽريبيوشنز، ادائگي، امداد ۽ گرانٽس؛

(c) ڪنهن پرڏيهي حڪومت، وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت ۽ لوڪل باڊيز، قومي ۽ عالمي ادارن، تنظيمن ۽ ايجنسيز طرفان ڪيل امداد، گرانٽس ۽ ٻين قسمن جي مدد؛ ۽

(d) ڪنهن پيش ڪيل خدمت جي فيس، معاوضو ادائگي، اشاعتن، ڪميشن ۽ ڪنهن ٻئي ذريعي کان رسيدن تي سيل پروسيڊس، رايلٽيز.

(2) اداري جا اڪائونٽس اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت رکيا ويندا، جيئن گورننگ باڊي طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

(3) اداري جا اڪائونٽس هر سال گورننگ باڊي طرفان مقرر ڪيل آڊيٽر طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

ضمانت ۽ دائره اختيار تي پابندي
Indemnity and

22. (1) هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن شخص يا ڪنهن اٿارٽي خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نه

ٿيندي.

(2) هن ايڪٽ تحت چانسيلر يا بورڊ يا گورننگ باڊي طرفان ڪيل ڪنهن فيصلي، يا ڪنيل قدم يا ڪيل ڪنهن شئي خلاف ڪنهن قانون جي عدالت يا ٻي ڪنهن اٿارٽي سامهون سوال نہ اٿاري سگهبو.

Bar of Jurisdiction

23. هي ايڪٽ موثر هوندو جيستائين وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نہ هجي.

ايڪٽ ٻين قانونن تي اثرانداز ٿيندو

Act to override other Laws

24. (1) جيڪڏهن هن ايڪٽ جي ڪن گنجائشن جي لاڳو ٿيڻ تي ڪو سوال اٿي ٿو اهو معاملو چانسيلر سامهون رکيو ويندو، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

(2) جيڪڏهن هن ايڪٽ جي ڪنهن بہ گنجائش جي لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي، چانسيلر اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجي، جيڪو اهڙي رڪاوٽ کي هٽائڻ لاءِ ضروري هجي.

(3) جيڪڏهن هي ايڪٽ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ ڪا گنجائش جوڙي، پر ڪا گنجائش نہ جوڙي وڃي يا اڻپوري گنجائش جوڙي وڃي اهڙي اٿارٽي جي سلسلي ۾ جنهن طرفان، يا جنهن وقت تي، يا اهو طريقو جنهن تحت اهو ٿيڻو آهي تہ پوءِ اهو ڪم اهڙي اٿارٽي طرفان ڪيو ويندو يا اهڙي وقت تي، يا اهڙي طريقي، جيئن چانسيلر هدايت ڪري.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت

لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.